# قديم باد شاھ

## (ياڳون ڀريون)

# Qadeem Badshah

قيمت اٺ آنا

هيلارام واسواڻي

گل ڦل آفيس
ڪراچي نمبر ١

# آکاڻين جي فهرست


| آکاڻي | صفحو |
|---|---|
| ١- حسن بهمني ڪيئن باد شاهه ٿيو | ١ |
| ٢- شهزادن جو امتحان | ١٧ |
| ٣- راجا مورڌج جي پريکيا | ٢٥ |
| ٤- جهانگير جي عدالت | ٣٧ |


---


Printed by Hiranand Karamchand at the Hindustai
Printing Works, Kemball Road, Karachi
and Published by Melaram Mangatram, at the
Sunder Sahitya Office, Kemball Road, Karachi

# ديباچه

دنيا ۾ جيڪا بي آرامي آهي، جيڪي لڙايون لڳن ٿيون، فساد ٿين ٿا، ٻک ڏک ۽ ٻيون مصيبتون آهن تنهنجو هڪ سبب راڄنيتي آهي. اُن ساڳي سبب ڪري هندستاني تاريخن ۾ اهڙا غلط واقع درج ڪيا ويا آهن ۽ اهڙي نموني ۾ جو ٻارن جي ڪچن دلين تي ننڍي هوندي کان هندو مسلم وٿاءَ جو ٻج پوي. هندستان جي قديم بادشاهن جون خوبيون اکثر نظر انداز ڪيل آهن ۽ اوڻاين کي وڌايو ويو آهي. اها ڳالهه محسوس ڪري قديم بادشاه لکيو ويو آهي. صديون اڳ جيڪي خواب ٿي گذريو، تنهنڪري دهرائڻ يا يادگيري ڏيارڻ بلڪ ذهن نشين ڪرائڻ جو نتيجو نه خراب نڪري ٿو. اُن ڪري جڳائي نه نيڪيءَ تي نظر ڏيون ۽ نيڪ راه اختيار ڪريون. جيئن ماکيءَ جي مک ڪيتريءَ ئي گندگيءَ ۾ خوشبودار گل، ٻوُر يا ميوي تي ويهي ماکي چوسي، عام ماڻهن لاءِ گڏ ڪندي آهي. ان جي اُبتڙ واجي مک گل ڦل ڇڏي ڪن ڪچري تي ئي ويهي بيماري ڦهلائيندي آهي.

انسان ماکيءَ جي مک جهڙي وات وٺي فرشتو ٿئي

ڇو ۽ رواجي مک جي سڀاءُ ڌارڻ سان شيطان.

سو پڙهندڙ! تون ڪهڙي وات وٺندين؟

ٻيلارام

# قديم بادشاھ

## درويش جي دعا

### حسن بهمني ڪئن بادشاھ بڻيو؟

سلطان غياث الدين تغلق جو زمانو هو. دهليءَ جو شهر قطب منار کان تغلق آباد ۽ اندرپرست جي پراڻي قلعي تائين آباد هو. ترڪ، ايراني، توراني خواهه چيني، مطلب تہ هر قسم جا آدمي دهليءَ ۾ گهمندا ڦرندا نظر ايندا هئا. سستائي هئي. غريب ۾ غريب آدمي بہ خوش ۽ بي فڪر هو. گاديءَ جي هنڌ هئڻ سبب دهليءَ ۾ هزارين اوچيون ۽ عاليشان عمارتون هونديون هيون. روپين ۽ اشرفين جي تہ برسات پوندي هئي. ان عام دولتمنديءَ هوندي بہ ڪئين اهڙا غريب هئا، جي روٽيءَ ٽڪر جا محتاج هوندا هئا. انهن کي ڪوئي مانيءَ جو ٽڪر بہ نہ ڏيندو هو.

اڄ به لنڊن ۾، جو دنيا ۾ وڏي حڪومت جي گاديءَ جو هنڌ آهي، غريبن جي ڪا ڪمي ڪانهي. هزارين مانيءَ ۽ ڪپڙي لاءِ محتاج آهن. اِهو ته قدرت جو شان آهي، جنهن جي پيدا جي ڪل ڪنهن کي ڪانهي.

تغلق جي زماني ۾ دهليءَ ۾ هڪ غريب گهر هو جنهن ۾ هڪ پيري عورت رهندي هئي. کيس ٻه ٻار هئا. هڪ ڇوڪري ۽ ٻيو ڇوڪرو. ويچاري ڇوڪري ته ٻالپڻ ۾ ئي پنهنجو نور وڃائي چڪي هئي ۽ ڇوڪرو جنهن جو نالو حسن هو، پندرهن ورهين جو هو. سندس ٻالي ڀولي صورت ۽ نمائين اکين مان صاف ظاهر هو ته هو ڪنهن شريف پيءُ جو پٽ آهي. ليڪن ڏکن کيس بد حال بڻائي ڇڏيو هو.

هڪ ڏينهن منجهند جي وقت جڏهن سورج جا تيز ڪرڻا ساڙي رهيا هئا، ويچارو حسن نوڪريءَ جي تلاش ۾ ڀٽڪي رهيو هو. سندس چنڊ جهڙو چهرو اُس جي ڪاڻ سبب ڪارائجي ويو هو. حسن شام تائين رلندو رهيو مگر نوڪري ته سندس نصيب ۾ لکيل ڪانه هئي. سڄو ٿڪو ۽ سڄي ڏينهن جو ڏڪل ٿڪل حسن گهر موٽيو. پيءُ کيس دلاسو ڏيئي چيو "ٻچا گهٻراءِ نه.

خدا هيءَ مصيبت جا ڏينهن اوس پورا ڪندو. ڪنهن به آدميءَ کي خدا هميشه سقيم حالت ۾ نٿو رکي. هو ته تمام مهربان آهي."

حسن چيو "اهو ته نيڪ آهي اَما! ليڪن مصيبت کي به آخرڪا حد ٿيندي آهي. ڪالهه شام کان وٺي اسان کجهه کاڌو ڪونهي. صبح جو گهر مان نڪتس. سڄو ڏينهن شاهوڪارن جي خوشامد ڪندو رهيس مگر ڪنهن مونڏانهن ڌيان نه ڏنو. ڏسان ٿو ته ترڪ اَميرن جا غلام سونهري پوشاڪون پهريل، ڪمر ۾ تلوارون لٽڪائي، گهوڙن تي چڙهي هيڏانهن هوڏانهن گهمي ڦري رهيا آهن. هڪ آءٌ ئي آهيان، جنهن کي ڪير به نوڪريءَ ۾ نٿو رکي. مونکي سڀ کان وڌيڪ تنهنجوءِ اَنديءَ پيٽ جو خيال ستائي رهيو آهي."

ماڻس چيو "جيڪا خدا جي مرضي! اسان کي ته هر حالت ۾ صبرءِ شڪر ڪرڻ جڳائي."

آخر سڀ بکئي پيٽ سان سمهي رهيا. رات جو سردي تمام گهڻي پئي. گهر ۾ ڪو به گرم ڪپڙو ڪونه هون. اَڌ رات جي وقت سخت ولهه سبب انديءَ ڇوڪريءَ جي پاسي ۾ اچي سور

پيو. صبح ڪائين ويچاري درد سبب چلائيندي رهي. ليڪن غريب ٻيڙي ۽ ويچارو حسن ڪريئي ڇا ٿي سگهيا؟ ٻئي ڏينهن منجهند جي وقت ويچاريءَ غريب انڌيءَ جو پران پکيئڙو پرواز ڪري ويو. حسن ۽ سندس ماءُ زار زار روئڻ لڳا. هڪ ته وٽن ڪوڏي به ڪانه هئي ٻيو وري چوڪريءَ جو بيوقتو موت. انهن ڳالهين کين بلڪل پريشان ڪري ڇڏيو. ليڪن جلدئي محلي ۾ رهندڙن کي هيءَ خبر ملي. ڪن شريف مسلمانن چوڪريءَ جي ڪفن ۽ دفن جو بندوبست ڪيو ۽ ماءُ ۽ پٽ کي به ڪجهه گذران لاءِ ڏنائون جنهن مان هنن به چار ڏينهن پيٽ پري ڪاڍو. ليڪن آخر حسن وري نوڪريءَ جي تلاش ڪرڻ جو خيال ڪيو.

ٻئي ڏينهن صبح جو حسن نوڪريءَ جي پٺيا ڪندو رهيو، پر دنيا ۾ غريبن جي ڪير ٿو ٻڌي؟ حسن نراس ٿي شام جو لوساتيل چهري سان گهر اچي چنل ڪتولي ڪي ليٽي پيو. ماڻس به اچي سندس مٿن ڪان ويٺي. مگر ٻئي خاموش هئا. اوچتو حسن ٿپ ڏيئي اٿيو ۽ چوڻ لڳو، "اما! اما!! مان حضرت محبوب الاهي وٽ

وڃان ٿو. شايد سندس دعا سان مونکي ڪٿي نوڪري ملي وڃي."

حضرت محبوب الاهيءَ جي جاءِ غياث پور جي آباد ٽڪري جي نزديڪ هئي. حسن اتي پهچي ڏٺو ته ڪيترا ماڻهو اندر وڃي رهيا آهن ۽ ڪيترا ٻاهر اچي رهيا آهن. حسن ماڻهن کان پڇيو ته "اڄ ڪو خاص ڏينهن آهي ڇا، جو هيترا ماڻهو هتي آيا آهن؟"

جواب مليس ته "هتي روز هيءُ حال هوندو آهي. هن محل لنگر هلندو آهي. هزارين ماڻهو هتي اچن ٿا، کاڌو کائين ٿا ۽ گهر موٽي وڃن ٿا."

حسن پڇيو، "کاڌو هرڪنهن کي ملي ٿو يا فقط مقرر ڪيل ماڻهن کي؟"

"هيءُ عام لنگر آهي، جنهن کي وڻي سو کائي سگهي ٿو."

حسن دل ۾ خيال ڪيو ته اندر وڃان. ليڪن شرم مٿس غالب پيو. سوچڻ لڳو ته هي لنگر فقيرن ۽ محتاجن جو حق آهي. مان جوان آهيان. مونکي نه جڳائي ته خيرات جي روٽي کائي پيٽ ڀريان. جيتوڻيڪ تقدير منهنجي عزت چار ڏينهن اڳ خاڪ ۾ ملائي ڇڏي، جڏهن منهنجي

بدنصيب پيڻ گذر ڪري ويئي ۽ مونکي ماڻهن خيرات ڏني جا خيرات مونکي ڪاڻڍي پيئي. مگر اُهو نه مجبوريءَ جو وقت هو. هنوقت مونکي اهڙي لاچاري ڪانهي.

ايتري ۾ اندران هڪ نوجوان ٻاهر آيو ۽ سڌو سنئون هڪ طرف هليو ويو. جنهن وقت هو لنگهي رهيو هو ته ماڻهو پاڻ ۾ پس پس ڪرڻ لڳا.

هڪڙي چيو ”اِهو ئي آهي.“

ٻئي چيو، ”اِهو هجي ها ته ساڻي سان هم جنس ها. اڪيلو ڀلا ڪئن اچي ها؟“

ٽئين چيو ”يقيناً“ اِهو ساڳيو آهي. مان هنئر سڌو حضرت محبوب الاهي وٽان ٿو اچان. جڏهن اِهو شخص لنگر ڪائي ٻاهر نڪري رهيو هو تڏهن حضرت صاحب فرمايو ”ڏسو باد شاهه وڃي رهيو آهي.“

چوٿين چيو، ”باد شاهه وري ڪئن ٿي سگهندو؟ هن جي پيءُ سلطان غياث الدين ته پنهنجي ننڍي پٽ کي وليعهد مقرر ڪيو آهي. بادشاهه ته اهو ئي ٿيندو.“

ٽئين نمبر شخص چيو، ”بزرگن جي زبان مان قدرتي لفظ ٻاهر نڪرندا آهن. اِئين برابر آهي

تہ بادشاهہ پنهنجي وڏي پٽ کي ولي عهد جي درجي تان خارج ڪيو آهي. ليڪن جڏهن حضرت صاحب اِهو فرمايو تہ بادشاهہ وڃي رهيو آهي، تہ اوس اِهو بادشاهہ ٿيندو."

پهرئين ڄڻي چيو، "بيشڪ حضرت محبوب الاهي جو چوڻ ڪڏهن ڪوڙو نہ ٿيو آهي ۽ جيتوڻيڪ سلطان غياث الدين اِنهيءَ پٽ مان ناراض آهي تہ بہ ڪنهن ڏينهن ضرور بادشاهہ ٿيندو. ليڪن ڪهڙي ڪارڻ هيءُ فقيراڻا ڪپڙا پائي، ويس بدلائي هت لنگر کائڻ اچي ٿو؟"

ٻئي ڄڻي چيو، "هن لنگر مان فقيرن جي برڪت حاصل ڪرڻ آيو هوندو. هو بہ ڄاڻي ٿو تہ جيڪو فقيرن ۽ ڪامل شخص جو ٽڪر کائي ٿو انکي دين ۽ دنيا، ٻنهي جون نعمتون حاصل ٿين ٿيون."

ٽئين ڄڻي چيو، "هون پنهنجي اکين سان ڏٺو تہ اِهو شهزادو فقيرن سان گڏ ماني کائي رهيو هو. مگر هڪ ڳالهہ تہ مون کان چوڻ وسري ويئي. جنهن وقت شهزادو ٻاهر اچي رهيو هو تہ حضرت محبوب الاهي چيو، "ڏسو بادشاهہ وڃي رهيو آهي. پر انسان گڏ وڳڏ ائين پڻ چيائين تہ هڪڙو

باد شاهہ ٻاهر ويو ۽ ٻيو اندر اچي رهيو آهي."
مون چوطرف نهاريو مگر اندر ته ڪير به داخل ڪونه ٿيو. خبر ناهي اُهو ڪهڙو شخص آهي جنهن جي باري ۾ حضرت صاحب اشارو ڏنو."

آخر ڳالهيون ختم ٿيون ۽ سڀ ماڻهو گهرن ڏانهن راهي ٿيا. ليڪن حسن اچا سوڌو دروازي تي بيٺي خبر ناهي ڇا سوچي رهيو هو. هن خيال ڪيو ته جنهن صورت ۾ هنئر ڪو به اندر نڪتو وڃي ته انمان صاف ظاهر آهي ته لنگر ختم ٿي چڪو آهي. سندس اندر ۾ اهوئي طوفان جاري هو ته اندر وڃان يا نه؟

حسن انهن خيالن ۾ محو هو ته اندر حضرت محبوب الاهي پنهنجي نوڪر کي چيو، "ٻاهر باد شاهہ بيٺو آهي، کيس اندر وٺي آءِ." نوڪر ٻاهر آيو. هن چوطرف پنهنجي نظر ٻوڙائي مگر حسن کان سواءِ هنکي ڪو به آدمي ڏسڻ ۾ ڪونه آيو. هو موٽي حضرت وٽ آيو ۽ چوڻ لڳو، "ٻاهر ته باد شاهہ آهيئي ڪونه."

حضرت محبوب الاهي چيو، "چڱي طرح ڏس. باد شاهہ ٻاهر بيٺو آهي."

نوڪر ٻاهر آيو ۽ ڏٺائين ته فقط حسن دروازي وٽ بيٺو هو. سندس ڪپڙا ڦاٽل هئا. سندس چهرو مرجهايل هو. سوچڻ لڳو ته بکاري آهي بادشاهه ته هٿ نظر ئي نٿو اچي. هو وري اندر آيو ۽ عرض ڪيائين ”ٻاهر ته صرف هڪ گداگر ۽ غريب جوان بيٺو آهي.“

”اهو ئي بادشاهه آهي.“ محبوب الٰهي مشڪي چيو.

حسن اندر آيو. هن جهڪي زمين چمي ۽ ادب سان هٿ ٻڌي محبوب الٰهي جي سامهون ٻيهي رهيو.

حضرت مشڪي چيو ”آچو، بادشاهه سلامت!“

حسن نمرتا سان چيو، ”اوهان جهڙي دين جي شهنشاهه جو ديدار بادشاهيءَ کان بيشڪ وڌيڪ آهي. مان سچ پچ اڄ بادشاهه آهيان، جو اوهانجي قدمن ۾ حاضري نصيب ٿي آهي.“

حضرت بلڪل خاموش رهيو. هو غور سان حسن جي چهري ڏانهن نهاري مرڪي رهيو هو. اوچتو هن نوڪر کي چيو ”ڪاڏو بچيل آهي؟“

نوڪر جواب ڏنو ”ڪاڏو ته خلاص ٿي چڪو آهي.“

”چڱو منهنجي روزي چوڙڻ واري روتي
ڪٽي اچ.“
حضرت محبوب اليٰ سڄو ڏينهن روز
رکندو هو. سندس لاءِ ٻه جوڙ جون مانيون
پچنديون هيون.
نوڪر ٻئي مانيون ڪٽي آيو. حضرت انهن
مان هڪ ٽڪر ڪٽي چيو ”حسن وٺ. هيءَ دکن
جي بادشاهيءَ جو تاج آهي.“ هن اُهو مانيءَ ٽڪ
پنهنجي ڪرامت جي آڱرلي رکي هڪ عجيب
نگاهه سان اُن ڏانهن نهاريو ۽ پوءِ اهو مانيءَ جو
ٽڪر حسن کي ڏنو.
حسن ادب بجاءِ آڻي محبوب اليٰ جا قدم
چميا ۽ ٽڪرو ٽڪرو باهر آيو. اڄ سندس اندر
خوشيءَ جون لهرون چوليون ماري رهيون
هيون. ڪيس جڻڪ ڪو غيبي خزانو مليو هو.
هو تيزيءَ سان گهر طرف ڊوڙڻ لڳو. رستي
ڪيس پٿر لڳا، رنڊڪون آيون ليڪن هو
ساڳئي جنون سان ڊوڙندو رهيو. گهر پهچي هن
ماءُ کي سربستي ڳالهه ٻڌائي. ماڻس چيو، ”پٽ
ڏٺي لوڪي ضرور ڪنهن ڏينهن بادشاهه ڪندو.“

ٻئي ڏينهن حسن وري پنهنجي قسمت آزمائڻ لاءِ گهران ٻاهر نڪتو. رستي ۾ هنڪيهڪ هندو نجومي گڏيو جنهن جو نالو هو ڪانڪوئي ٻهمن. حسن کيس پنهنجي سقيم حالت جي ساري خبر ٻڌائي ۽ کيس نوڪريءَ لاءِ عرض ڪيو. ڪانڪوئي ٻهمن ٻهرين ته حسن کي غور سان جاچڻ لڳو. مگر جلد ئي کيس پنهنجي گهر وٺي آيو ۽ چيائين ”هيءَ جيڪو سامهون کيت ڏسين ٿو اُنکي وچي آباد ڪر. وٽ هيءَ ڍڳا ۽ هر. اُتي وچي زمين کيڙ ۽ اَناج پوکر. ٽنهنجو کاڌو ۽ ڪپڙو منهنجي ذمي.“

حسن وڏيءَ خوشيءَ سان قبول ڪيو. هن زمين کيڙڻ شروع ڪئي. آهستي آهستي سورج پنهنجي مسافري پوري ڪندو ٿي ويو. حسن ڍڳا هڪليندو رهيو. اوچتو سندس هرجي چوُني ڪنهن شيءِ ۾ اَٽڪي پيئي. هن زمين کوٽي ڏٺو ته هڪ ٽامي جي ديگ نڪتي، جنهن ۾ علاوالدين خلجيءِ جون سونيون اشرفيون پيل هيون.

حسن ديگ ڏسي وائڙو ٿي ويو. سندس دل زور زور سان دڪ دڪ ڪرڻ لڳي. هيتريون

اشرفيون ته هن پنهنجي حياتيءَ ۾ به ڪونه ڏٺيون هيون. حسن هڪوار لالچي نگاهن سان ديگهه ڏانهن نهاريو ۽ هڪ ٿڌو ساه ڪنيو. سندس اندر ۾ آندولن جاري هو. هن آهستي آهستي چوطرف نهاريو. هتي ته ڪوئي حاضر ڪونه هو. حسن اشرفين جي مٺ ڀري وائڙن وانگر اُنهن ڏانهن نهارڻ لڳو. يڪا يڪ سندس ڪنن ۾ گونجڻجي اُٿيو ته "چور، چور." حسن سراپجي ويو. هو يڪدم ديگهه ڪڍائي ڪانڪوئي ٻهمن وٽ آيو ۽ ڪيس سربستي ڳالهه ڪري ٻڌايائين.

ڪانڪوئي ٻهمن کي حسن جي ايمانداريءَ تان ڏاڍو تعجب لڳو. سوچڻ لڳو، هڪڙو غريب آدمي، جو روٽيءَ ٽڪري لاءِ محتاج آهي، سو اشرفيون ڪڍي ڪئن موٽ آيو! جيڪڏهن چاهي ها ته پاڻوٽ ئي رکي ڇڏي ها. مونکي ڪهڙي خبر پوي ها ته منهنجي زمين مان خزانو نڪتو آهي.

ڪانڪوئي ٻهمن هوشيار نجومي هو؛ سلطان غياث الدين جي وڏي پٽ لائين سندس رسائي هئي.

ٻئي ڏينهن ڪانڪوئي ٻهمن شهزادي وٽ ويو ۽ ڪيس حسن جي ايمانداريءَ جي سموري

ڳالهه ٻڌايائين. شهزادي حڪم ڏنو، ”حسن کي وٽي جلد مونوٽ اچ.“ ڪاڏڪوئي ٻهمن حسن کي وٺي شهزادي وٽ آيو. شهزادي حسن جي صورت ۽ سيرت ڏسي ڪيس پنهنجي خاص اميرن ۾ داخل ڪيو.

ٻئي ڏينهن ڪانڪوئي ٻهمن ڪيس گڏ جڻ آيو ۽ چيائينس ”نجومت جي رستي مون ٿنهنجو نصيب ڏٺو آهي. تون جلد ئي ڪنهن ملڪ جو بادشاهه ٿيندين. مگر انجام ڪر ته جڏهن تون بادشاهه ٿيندين تڏهن منهنجو نالو به پنهنجي نالي سان گڏ زنده رکندين.“

حسن چيو ”تو منهنجي تقديرجي ڪشتي کي سنئين راهه تي لڳايو آهي. مان پاڪ پروردگار کي حاضر ناظر ڄاڻي انجام ٿو ڪريان ته پنهنجو نالو ”حسن ڪانڪوئي ٻهمني“ رکندس ۽ جيستائين منهنجو اولاد تخت ماڻيندو رهندو تيستائين سي اهو لقب جاري رکندا.“

حسن هاڻي شهزادي جي نوڪري ڪري سکيا ڏينهن گذارڻ لڳو. ڪجهه ڏينهن بعد سلطان غياث الدين هڪ تنبوجي ڪرڻ سبب پنهنجي ننڍي شهزادي، (جو وليعهد هو) سميت ڊ ٻجي

مري ويو. هيءُ سڀ ڏوکو هو. وڏي شهزادي يعني حسن جي مالڪ اِهو تنبو اهڙي ترڪيب سان ٺهرايو هو جو جڏهن سلطان جو هاٿي اندر گهڙيو تڏهن ڪل جي ڏيڄڻ سبب تنبو ڪري پيو.

سلطان غياث الدين ۽ ننڍي شهزادي جي موت ڪانپوءِ سيني اَميرن وڏي شهزادي جي مخالفت ڪئي مگر هو محمد تغلق جي نالي سان هندستان جي تخت جو مالڪ بڻيو. هيءُ اُهو ساڳيو آدمي هو جو حسن جي حاضريءَ جي ڏينهن حضرت محبوب الاِ جي جاءِ تي لنگر کائڻ ويو هو ۽ محبوب الاِ چيو هو ڏسو باد شاه وڃي رهيو آهي،" جنهن سبب ماڻهن کي تعجب لڳو هو،

محمد تغلق جي مغز ۾ جنون هو ته دکن آباد ڪجي. انڪري هن الي دولت آباد نالي هڪڙو شهر آباد ڪرايو. هو اڪثر دکن ۾ گهڻو وقت گذاريندو هو. حسن کي پڻ دکن ۾ هڪ علائقي جو امير مقرر ڪيو هئائين.

سلطان محمد تغلق دهليءَ ۾ هو ته دکن ۾ بغاوت شروع ٿي. اُن بغاوت ۾ اُهي اَمير شامل هئا جن جي مٿان محمد تغلق ظلم ۽ ستم جو

زبردست طوفان مچايو هو. محمد تغلق هزارن عالمن ۽ اميرن کي بي گناه قتل ڪرايو هو. اُن بغاوت ۾ حسن پڻ شامل هو. بغاوت جي خبر ٻڌي محمد تغلق پاڻ اڪي منهن ڏيڻ لاءِ دکن ۾ آيو. مگر سيني اميرن گڏجي هڪ امير کي سلطان ناصرالدين جي نالي سان پنهنجو باد شاه چونڊيو ۽ زور شور سان محمد تغلق جو مقابلو ڪيو.

گهمسان پري لڙائي لڳي. سڀ امير ڪيڏار ۾ ڪاهي پيا. سؤن پنهنجا سر ڏنا، ڪنهن هوندي به ناصرالدين کي شڪست ملي. اميرن مان باقي ڪي جزوي وڃي بچيا. بس اُنهن جي به خاتمي جو ڏينهن ويجهو اچي پهتو هو. مگر اوچتو دهليءَ مان خبر آئي ته اتي سلطان محمد تغلق جي هڪ غلام فساد شروع ڪيو آهي. هيءَ خبر ٻڌندئي محمد تغلق تي جڻ پهاڙ ٽٽو. لاچار هو دهليءَ روانو ٿيو.

وجهه ڏسي دکن جي اميرن فوج ڪٺي ڪري دکن ۾ لڙائي چالو ڪئي ۽ سڄي دکن ۾ ناصرالدين جو جهنڊو جهلايو. نالو ته ناصرالدين جو هو، ليڪن سڄي فتح جو ڪارڻ حسن هو. ناصرالدين قدرشناسيءَ وچان حسن کي ظفرخان جو خطاب ڏنو.

حسن جي بهادريءَ جو ڏاڪو دور علائقن تائين ڦهلجي ويو. هڪ ڏينهن ناصرالدين عام دربار ۾ چيو، "ڀائرو! مان بادشاهي جي قابل نه آهيان، عقل، همت ۽ بهادريءَ جي مدنظر، حسن ظفرخان بادشاه بڻجڻ جي لائق آهي." اميرن کي ڪو به اعتراض ڪو نه هو. سڀني يڪراءِ قبوليت ڏني. ناصرالدين پنهنجو تاج لاهي حسن جي مٿي تي رکيو ۽ کيس دکن جي بادشاهت جون واڳون ڏنيون. حضرت محبوب الاهي جي دعا سچي ٿي.

حسن تخت تي وهنديئي حڪم ڏنو ته پنج مڻ سون ۽ ڏهه مڻ چاندي حضرت محبوب الاهي جي خدمت ۾ موڪلي ڏيو. اُنڪان پوءِ هن پنهنجو نالو سلطان علاوالدين حسن ڪانڪوئي بهمني رکايو ۽ پنهنجي احسان ڪندڙ سان ڪيل انجام پاڙيو. سندس خاندان ۾ پڻ سترهن، ارڙهن پيڙهين تائين اهو خطاب سڀني بادشاهن شريڪ ڪيو ۽ تواريخ ۾ به سندس حڪومت "بهمني" نالي سان مشهور آهي.

گورڏن (محبوباڻي)

## شهزادن جو امتحان

هڪ ڏينهن شاهه جهان باد شاهه پنهنجي محلات ۾ ويهي ڪجهه سوچي رهيو هو. ايتري ۾ سندس وزير اچي حاضر ٿيو ۽ سلام ڪري ادب سان پنهنجي جڳهه تي ويهي رهيو. ڪجهه وقت هيڏانهن هوڏانهن جون ڳالهيون ٿينديون رهيون. ان بعد وزير عرض ڪيو، جهان پناهه! مان ڏسان ٿو ته حضور جن ڪجهه فڪرمند نظر پيا اچن. ڇا هن خادم کي انهيءَ جو سبب ٻڌائي سگهو ٿا؟"

بادشاهه چيو، "فڪر جي ته ڪا ڳالهه ڪانهي - سلطنت ۾ ته چوطرف امن و امان قائم آهي. تو جهڙي عقلمند ۽ وفادار وزير هوندي مونکي ڪهڙو فڪر ٿي ٿو سگهي؟"

وزير وري ادب سان عرض ڪيو، "ليڪن، حضور جن ته ڪجهه مٿيو ئي سوچي رهيا آهن. جيڪڏهن هن بندي جي لائق ڪو ڪم ڪار هجي ته بلاشڪ فرمايو." باد شاهه وراڻيو، "مان

اهو ئي سوچي رهيو آهيان تہ مونکي چار پٽ آهن . انهن مان مونکان پوءِ بادشاهيءَ جي لائق ڪير آهي ۽ مان ڪنهن کي پنهنجو وليعهد بڻايان ؟"

وزير عرض ڪيو، "حضور جن جي نظر ۾ ڪير وليعهد ٿيڻ جو لائق آهي ؟"

بادشاهہ وراڻيو، "مان تہ دارا کي وليعهد بنائڻ ٿو چاهيان ڇاڪاڻ تہ اهو هميشهہ مونسان گڏ رهيو آهي ۽ سڀني پٽن ۾ وڏيڪ فرمانبردار پٽ آهي . ان باري ۾ تنهنجي ڪهڙي راءِ آهي؟"

وزير ادب سان وراڻيو، " جهان پناهہ ! هن خادم جي ناچيز راءِ تہ اها آهي تہ چئني شهزادن مان جنهن ۾ حڪومت هلائڻ جي وڌيڪ لياقت هجي انکي ئي، وليعهد مقرر ڪجي."

بادشاهہ چيو، "جيڪڏهن انهن مان هڪ کي مان مقرر ڪريان تہ ڇا هو بادشاهي نہ ڪري سگهندو؟"

وزير ادب سان وراڻيو، "خادم جو خيال آهي تہ جيڪڏهن ٻيو شهزادو وڌيڪ عقلمند ۽ هوشيار هوندو تہ آخر اهو ئي تخت تي وهندو.

بادشاهه چيو، "اڇا ته سلطنت منهنجي اختيار ۾ آهي. فوج منهنجو حڪم مڃي ٿي. سڀ امير مونسان وفادار آهن. اُن ڪري جنهن شهزادي کي مان واڳون ڏيندس تنهن جا سڀ ساٿي ٿيندا ۽ خزانو لشڪر وغيره به اُن جي هٿ ۾ رهندو. پوءِ ڀيو شهزاد و ڪئن حڪومت ڪري سگهندو؟"

وزير وراڻيو، "حضور جن درست فرمائين ٿا. ليڪن تواريخن ڏسڻ مان پتو پوي ٿو ته جو شخص بي عقل ۽ بي تدبير آهي، جنهن ۾ همت ۽ مردانگي ڪانهي اهو هر سامان هوندي به سڀ ڪجهه کوهي ٿو ڇڏي. پر جو عقلمند با تدبير ۽ بهادر آهي اهو ڪجهه نه هوندي به سڀ ڪجهه حاصل ڪري ٿو."

بادشاهه پڇيو، "ڇو تون شهزادن مان ڪنهن کي لائق سمجهين ٿو؟"

وزير وراڻيو، "مان شهزادن جو امتحان وٺي پوءِ ارهانڪي ٻڌائيندس."

بادشاهه کان موڪلائي وزير سڌو دارا وٽ ويو.

انوقت شهزادو ڪجھ لڪي رهيو هو. وزير کي ڏسندي ئي هن لڪڻ بند ڪيو۽ وزير کي عزت سان اندر وهاريائين.

وزير شهزادي کي چيو، ”مان توکان تي ڳالهيون پڇڻ آيو آهيان. مان اُميد ٿو ڪريان تون انهن جا ٺيڪ جواب ڏيندين؟“

دارا چيو، ” ڀلي پڇو. جيتري قدرتي سگهيو اوترو قدر جواب ڏيڻ جي ڪوشش ڪندس.“

وزير چيو، ” ڀهرين ٻڌاءِ تہ اڄ ڪلهہ چڙن جو اگهہ ڪهڙو آهي؟ ٻيو تہ جتيون ڪهڙن ڪهڙن شهرن ۾ ٺهن ٿيون. ٿيون تہ انسان ڪنهنجي اڳيان خوشيءَ سان هار قبول ٿو ڪري؟“

دارا وراڻيو، ” اهي ڳالهيون تہ شهزادن کان پڇڻ جي لائق ڪين آهن؟ اسانجو انهن ڳالهين سان ڪهڙو واسطو؟ توکي تہ پڇڻ گهربو هو تہ فوج ۾ ڪئن ڪم ڪجي. مورچا بندي ڪئن ٿيندي آهي ۽ دشمن کي شڪست ڏيئي ڪئن ملڪ هٿ ڪجي؟“

وزير دارا وٽان موٽي سڌو شجاع وٽ آيو. شجاع پنهنجي هڪ دوست سان ڳالهيون ڪري رهيو هو. وزير کي ڏسي ڪڙو ٿيو. پنهنجي دوست کي ٻاهر اُماڻي پاڻ وزير سان ڳالهيون ڪرڻ لڳو. وزير شجاع کان بہ ساڳيا ئي سوال پڇيا. شهزادي کي ڏاڍو تعجب لڳو ۽ چوڻ لڳو، "ڌرا ترسو تہ مان نوڪري موڪلي انهن ڳالهين جو پتو لڳايان ٿو."

وزير پڇيو، "ڇا اوهانکي پتو ڪونهي؟"

شجاع وراڻيو، "مان ڪو واپاري ٿورو ئي آهيان جو چڙن جو اگهہ ويهي پڇان. ڪو موچي ٿورو ئي آهيان جو جتين جا شهر دريافت ڪريان. مان تہ بنگال جو صوبہ دار آهيان منهنجو ڪم تہ راڄنيتي ڳالهين سان آهي."

وزير اتان بہ نراس ٿي موٽيو ۽ ننڍي شهزادي مراد وٽ ويو. مراد هڪ وڏي آفيسر سان گجرات جي حڪومت جي باري ۾ ڳالهيون ڪري رهيو هو. وزير کي ڏسي هن سندس آجيان ڪئي ۽ هتي جون ڳالهيون ٻولهيون

شروع ٿيون. آخر وزير ڪانئس ساڳيا ئي سوال پڇيا.

شهزادي حيرت سان وراڻيو، "مان ته انهن ڳالهين کان بلڪل ناواقف آهيان. ڀلا شهزادا اهڙيون ڳالهيون ياد ڪري ڇا ڪندا؟"

وزير ته ماٺ ميٺ ۾ اُتان روانو ٿيو ۽ اورنگزيب وٽ آيو. انوقت هو عبادت ڪري رهيو هو. هن وزير سان ڳالهايو به ڪين. وزير به چپ ڪري هڪ ڪرسيءَ تي ويهي رهيو. جڏهن اورنگزيب عبادت پوري ڪئي تڏهن وزير کي سلام ڪري پڇيائين، "فرمايو، ڪئن اچڻ ٿيو آهي."

وزير چيو، توکي خبر آهي ته اڄ ڪله چٽن جو اگهه ڪهڙو آهي؟"

اورنگزيب وراڻيو، "آگري ۽ لاهور ۾ روپئي ڏيڍ مڻ- دهليءَ ۾ مڻ ۽ پندرهن سير ۽ بهار ۾ مڻ ۽ ٢٥ سير. انهن ڪانسواءِ ٻين شهرن جا به اگهه اورنگزيب کيس ٻڌايا."

وزير وري پڇيس، ”ٻيا جٽيون ڪهڙن ڪهڙن شهرن ۾ ٿهن ٿيون؟“

اورنگزيب وراڻيو، ”دهليءَ، لڌيانه ۽ ڪانپور ۾ تمام عمديون جٽيون ٿهن ٿيون ان ڪانسواءِ ڪلڪته ملبار ۽ ڪشمير ۾ به ٿهن ٿيون.“

وزير وري پڇيو، ”انسان ڪنهن جي اڳيان خوشيءَ سان هار قبول ڪري ٿو؟“

اورنگزيب ڪجهه غور بعد وراڻيو، ”انسان پنهنجي پٽ جي سعادت منديءَ ۽ لياقت جي اڳيان خوشيءَ سان هار قبول ڪري ٿو.“

ٻئي ڏينهن وزير بادشاه جي خدمت ۾ حاضر ٿيو. بادشاهہ پڇيو، ”تو شهزادن جو امتحان ورتو.“

وزير وراڻيو، ”هائو حضور. امتحان مان معلوم ٿيو ته بادشاهي ڪرڻ جي لائق اورنگزيب آهي. جيڪڏهن اوهين ٻئي ڪنهن شهزادي

کي وليعهد مقرر کندا ته بہ آخر اورنگزيب تخت ماڻيندو.

بادشاهہ وزير کان امتحان جو احوال پڇيو. وزير سربستو احوال کيس ٻڌايو.

بادشاهہ اورنگزيب جا جواب ٻڌي سندس لياقت ۽ عقل جي ساراهہ ڪرڻ لڳو.

# راجا مورڌج جي پرِيکيا

آڳاٽي زماني جي ڳالهہ آهي. اُن سمي هندستان ۾ هندن جو راڄ هو. پرجا سکي ۽ شاهوڪار هئي. راجائون ڌرمي ۽ انصاف پسند هوندا هئا. پرجا کي پنهنجي اولاد وانگر پاليندا هئا. انهن مان هڪ مورڌج نالي راجا مشهور آهي. ڪيس چار پٽ هئا جي پنهنجي پيءُ وانگر سندر، ڳڻوان ۽ ودوان هئا. چارئي ڀائر پاڻ ۾ سنيهہ سان رهندا هئا. پيءُ جو بہ تمام گهڻو ادب رکندا هئا ۽ سندس شيوا دل سان ڪندا هئا. انهن لڇڻن ڪري پرجا بہ کين گهڻو ڀائڻ لڳي. راجا مورڌج روز صبوح جو ڀڳوان جي پوڄا ڪندو هو ۽ سندس پوڄا جي گلن لاءِ راجا جو وڏو پٽ پاڻ باغ ۾ وڃي گل ڪٽي ايندو هو. هڪ دفعي جيئن اُهو راجڪمار باغ مان گل پٽي ويو ڪيئن باغ جي ٻاهران هڪ ٺاهوڪو شاندار گهوڙو ڏٺائين، جنهن جي رنگ هڪڙي سانوري رنگہ واري

ماڻهوءَ کي هئي. اُهو گهوڙو اهڙو ته سهڻو هو جو راجڪمار کي ٻيءَ لاءِ گل ڪڍي وڃڻ ئي وسري ويا؛ رڳو گهوڙي ڏانهن يڪ ٽڪ نظرسان ڏسندو رهيو. ڏسندي ڏسندي جڏهن سندس من نه ڀاپيو تڏهن لاچار اُنهيءَ گهوڙيسوار جي نزديڪ وڃي ڪانئس گهوڙي جي قيمت پڇڻ لڳو. تنهنتي گهوڙيسوار کيس جواب ڏنو "توهين هي گهوڙو خريد ڪري نه سگهندا." راجڪمار ڪاوڙ ۾ ڀرجي ويو ۽ کيس چيائين "ڇا، مان هيءُ گهوڙو خريد ڪري نه سگهندس؟ شايد توکي خبر نه آهي ته مان ڪير آهيان. مان هن ديس جو راجڪمار آهيان. جيڪڏهن مان ئي خريد ڪري نه سگهندس ته هن پرٿويءَ تي ٻيو اهڙو ڪو ماڻهو آهيئي ڪونه جو هيءُ گهوڙو خريد ڪري سگهي." اهو ٻڌي گهوڙيسوار جواب ڏنو "مونکي خبر آهي ته تون برابر راجا مورڌج جو وڏو پٽ آهين ۽ تخت جو وارث. پر معاف ڪجو هن گهوڙي جي قيمت دولت ناهي پر اُن جي قيمت آهي منهنجي سوالن جا جواب."

"راجڪمار کانئس پڇيو "اُهي ڪهڙا سوال

آهن؟" گهوڙيسوار تنهن تي جواب ڏنو "ڪمار، جواب ڏيڻ کان اڳي مان توکي بہ شرط ٻڌايانٿو."

راجڪمار- اُهي بہ شرط ڪهڙا آهن؟ جلد ٻڌاءِ.

گهوڙيسوار- منهنجو پهريون شرط هيءُ آهي تہ جيڪڏهن منهنجي سوالن جو ٺيڪ جواب ڏيئي سگهين تہ نہ رڳو گهوڙو توکي مفت ڏيندس پر مان بہ تنهنجو نوڪر ٿيندس. ٻيو شرط هيءُ آهي تہ جيڪڏهن منهنجي سوالن جو جواب تون نہ ڏيئي سگهين تہ توکي منهنجو نوڪر ٿيڻو پوندو.

اهو ٻڌي راجڪمار ڪجهہ وقت تہ سانت تي ويو پر اُهو گهوڙو اهڙو تہ من موهڻو جو اُن لاءِ ڪهڙو بہ شرط قبولڻ لاءِ راجڪمار تيار هو ۽ اُتاولي‍ءَ مان چئي ويٺو "منظور آهي، منظور آهي."

"تہ تون اوڀر طرف وڃ ۽ جيڪي اُتي ڏسين سو موٽي اچي ٻڌائج."

راجڪمار اوڀر طرف ويو. ويندي ويندي هن ڏٺو تہ هڪ وڏو ڪوهہ هڪ طرف ٿيل آهي ۽ ٻيا ننڍا ننڍا ست ڪوهہ ٻئي طرف ٿيل آهن. جڏهن وڏو ڪوهہ اُٿل کائي ٿو تڏهن ننڍن ستن ئي کوهن کي ڀري ڇڏي ٿو. پر جڏهن ننڍا ستئي

ٿوهه پرجي اُٿل کائين ٿا، تڏهن وڏي ڪوهه کي ننڍا
ٻرين، بلڪ اُنهن جو پاڻي لڳولڳ نالين ۾ کسين
ر وهي ٿو وڃي. راجڪمار گهوڙيسوار وٽ موٽي
آيو. گهوڙيسوار پڇيس "ڇا ڏٺئه؟"

راجڪمار جيڪي ڏٺو سو بيان ڪري ٻڌايو.
ٿنهن تي سوار پڇيس "اُنهيءَ جو مطلب ڇا؟"
راجڪمار ڪيتري وقت تائين خيال ڪندو رهيو؛
مگر ڪجهه به سمجهي نه سگهيو. نيٺ گهوڙيسوار
کي چيائين "مونکي اُن جو مطلب سمجهه ۾ نٿو
اچي." گهوڙيسوار چيس "جيڪڏهن توکي نٿو
اچي ته هن وڻ هيٺان سانت ڪري ويهه ۽ جيسين
مان توکي آگيا نه ڏيان تيسين تون ڪجهه به
نه ڳالهائج؛ چاڪاڻ ته شرطن موجب مان هاڻ
تنهنجو مالڪ آهيان ۽ تون منهنجو نوڪر.
لاچار راجڪمار کي ائين سانت ڪري وڻ هيٺيان
رهڻو پيو ڇاڪاڻ ته بازي هارائي ويٺو هو.

ڪيترو وقت گذري ويو. راجا مورڌج پوڄا
۾ ويهي گلن جي اچڻ جو انتظار ڪري رهيو هو
پر جڏهن راجڪمار گل کڻي نه آيو تڏهن ٻئي
راجڪمار کي سڏي چيائين "ٻچا! تنهنجو وڏو

پاڻ گل ڪٽڻ ويو آهي پر اجا تائين واپس ڪين آيو آهي ڪنهنڪري ٿون وڃي گل ڪٽي اچ ۽ انهيءَ ڳالهہ جو پتو لهج تہ هو اجا تائين ڇو ڪين موٽيو آهي.

ٻيو راجڪمار بہ پتا جي آگيا انوسار راجا جي باغ ڏانهن گل ڪٽڻ ويو پر هن بہ رستي ۾ اُهو ساڳيو گهوڙو هڻڪار ڪندو ڏٺو. ڪنهنڪان سواءِ پنهنجو وڏو ڀاءُ بہ وڻ هيٺان سانت ۾ ويٺل ڏٺائين. اڳي وانگر گهوڙي جي رڪن سوار جي هٿ ۾ هئي. انهيءَ راجڪمار پنهنجي وڏي ڀاءُ کان مانت ڪري وهڻ جو سبب پڇيو. مگر جواب نہ ڏنائين. نيٺ ٻن ٽن دفعن پڇڻ بعد بہ جڏهن جواب نہ آيو تڏهن لاچار گهوڙيسوار وٽ آيو ۽ ڪانئس ڀاءُ جي مانت ڪري ويهڻ جو سبب پڇيائين. گهوڙيسوار جواب ڏنس "منهنجن سوالن جو جواب نہ ڏيڻ ڪري هيءُ منهنجو نوڪر آهي ۽ مان سندس مالڪ." ٻئي راجڪمار بہ گهوڙي جو ملهہ پڇيو. پر گهوڙي جو ملهہ تہ هوئي ڪونہ. پنهنجا اُهي ساڳيائي شرط ڪيس وري چئي ٻڌايا وڏيڪ ڪيس اِهو بہ چئي ڇڏيائين تہ جيڪڏهن

اُنهن جو جواب ڏيئي سگهندين تہ تنهنجي پيءُ کي بہ آزاد ڪندس. راجڪمار تنهن تي منظور ڪيو. انهيءَ کان پوءِ گهوڙيسوار ڪيس اولهہ ڏانهن وڃڻ جو اشارو ڏنو. اولهہ طرف ويندي هن ڏٺو تہ هڪ ڪَٺڪ جو تيلو آهي، پر انجي سنگہ ۾ کي جوئرجون، کي چڙن جون تہ کي وري ڏاٽن جون ڏانڊيون آهن يعنيٰ هڪ ئي سنگہ ۾ ٽن چئن قسمن جو اَن هو. اِهو ڏسي هو موٽي آيو. گهوڙيسوار پڇيس ڇا ڏٺئہ؟

راجڪمار جيڪي ڏٺو هو سو کيس چئي ٻڌايو. تنهن تي گهوڙيسوار پڇيس "اُنهيءَ جو مطلب ڇا؟" راجڪمار ڪيترو وقت سوچيو مگر جواب ڏيئي ڪين سگهيو. نتيجو اهو نڪتو جو لاچار ڪيس بہ پيءُ جي پاسي ۾ مات ڪري وهڻو پيو. انهيءَ کان پوءِ وري ٽيون راجڪمار آيو. انهيءَ کي وري اُتر طرف وڃڻ لاءِ چيائين. جيئن اُهو راجڪمار اُتر طرف ويو تہ رستي ۾ هڪ ميوي جو باغ ڏٺائين. اُنهيءَ ۾ ناريل، ڏاڙهون، ناسپاتيون، صوف، زيتون ۽ ٻين ميون جا وڻ هئا. مالهي انهن کي چڙهي ٿو مگر انهن مان کي ڪائي ٿو کي

نٿو ڪائي پر سيپني وڏن کي ناس ڪري رهيو آهي. اهو ڏسي هو موٽي آيو ۽ جيڪي ڏٺو هئائين سو اچي گهوڙيسوار کي ٻڌايائين. تنهن تي گهوڙيسوار انهيءَ جو مطلب پڇيس "مالهي ائين ڇو ڪري رهيو هو؟" راجڪمار جواب ڏنو ته هو بيوقوف آهي. تنهن تي گهوڙيسوار چيس "تنهنجو جواب پورو نه آهي". تنهن تي تيون راجڪمار به پنهنجن ٻن ڀائرن جي پاسي ۾ ماٺ ڪري ويهي رهيو. هنئرننديءَ جو وارو آيو. انهيءَ کي گهوڙيسوار ڏکڻ طرف وڃڻ لاءِ چيو. هن وري ڏٺو ته هڪ سفيد رڱاڻي آهي ۽ ڪيس هڪ ڳابي آهي. ڳانءِ ڳابيءَ جي ٿڻن ۾ منهن وجهي ڏيئي جو کير پي رهي آهي. واپس آيو پر مطلب نه سمجهائڻ ڪري اُهو به پنهنجي ڀائرن سان ويهي رهيو.

هيڏانهن وري راجا مورڏج پوڄا لاءِ ويهي پنهنجن پٽن جي اچڻ جو انتظار ڪري رهيو هو. پر جڏهن گهڻي دير ٿي ويئي تڏهن هن خيال ڪيو ته اَڄ ڪهڙي ڳالهه آهي جو جيڪو گل ڪڍڻ ٿو وڃي اُهو اتيئي ڳپي ٿو پوي ۽ واپس ئي ڪين ٿو اچي. ڪو مڙيوئي معاملو آهي. نيٺ

پاڻ راجا گل پٽڻ لاءِ روانو ٿيو. باغ جي پرسان ڏٺائين تہ هڪ تمام سندر گهوڙو آهي. انهيءَ جي پرسان گهوڙيسوار بيٺو آهي ۽ منهنجا چارئي پٽ ڏرتيءَ تي ڪنڌ هيٺ ڪري ويٺا آهن. انهيءَ جو مطلب سمجهي نہ سگهيو. پنهنجي پٽن کان ڳالهہ نہ پڇي سڌو گهوڙيسوار وٽ ويو ۽ کانئس سبب پڇيائين. تنهن تي گهوڙيسوار جواب ڏنو" راجڪمارن گهوڙو خريد ڪرڻ ٿي چاهيو. مگر گهوڙي جو ملهہ ڏين دولت نہ آهي پر انهيءَ جو ملهہ آهي منهنجي سوالن جو جواب. هي جواب ڏيئي ڪين سگهيا انهيءَ ڪري هي منهنجا نوڪر بڻيا آهن ۽ مان سندن مالڪ". تنهنتي راجا هنڪان پڇيو تہ اُهي ڪهڙا سوال آهن جن جو هي جواب ڏيئي ڪين سگهيا آهن؟ تنهنتي گهوڙيسوار چيو " اوهان کي چئن ئي سوالن جو جواب ڏيڻو پوندو. جيڪڏهن اوهين چارئي جواب ڏيئي سگهيا تہ هي گهوڙو بہ اوهان کي ڏيندس ۽ مان بہ اوهان جو نوڪر بڻبس. تنهن کان سواءِ هي اوهان جا چارئي پٽ بہ آزاد ڪندس. پر جيڪڏهن ڪنهن بہ هڪ سوال جو

جواب ڏيئي ڪين سگهيا تہ اوهانکي بہ منهنجو نوڪر ٿيڻو پوندو.

راجا پٽن کي آزاد ڪرائڻ جي خيال کان گهوڙيسوار جا شرط قبول ڪيا ۽ گهوڙيسوار اُهي چارئي واقعا چئي ٻڌايا جيڪي اُنهن راجڪمارن چئن طرفن وڃي ڏٺا هئا. گهوڙيسوار ۽ راجا جي گفتو بدي راجڪمار اُٺي ٻهي کن لائي ٻڌڻ لڳا. راجا پهرئين سوال جو جواب ڏيندي چيو تہ هڪ وڏي کوهہ ۽ ستن ننڍن کوهن جو مطلب هيءُ آهي تہ ڪلجڳ ۾ هڪ پيتا پنهنجن ستن پٽن کي پاليندو پر ستئي پٽ وڏا ٿيندا ۽ ڪمائڻ لائق ٿيندا تہ اُهي پنهنجي پيءُ کي ڪونہ پاليندا مگر پنهنجي زالن، پٽن، ڌيئن، جي پالڻ ۾ ئي پورا رهندا ۽ پيءُ جي سنڀال بہ نہ لهندا.

اِهو جواب ٻڌي گهوڙيسوار ڏاڍو خوش ٿيو پر اڃا اڳتي ٽن سوالن جو جواب ملڻو هو. گهوڙيسوار راجا کي چيو "اوهان جو جواب ٺيڪ آهي. هينئر ٻئي سوال جو جواب ڏيو." راجا ٻئي سوال جو جواب ڏيندي چيو تہ ڪٺڪ جي سنگہ ۾ ڏار ڏار اَناج جي ڏاڻين هڻڻ جو مطلب

هيءَ آهي تہ ڪلجڳ ۾ جيڪڏهن ٻيءَ برهمڻ هوندو تہ ماڻ ڪترياڻي يا وئش ؛ ٻيءَ وئش ٽہ ماڻ شودريائي مطلب تہ ڪلجڳ ۾ ذات پات جو پيد نڪري ويندو. هڪئي ڪتنب ۾ سڀ ذاتيون پيبون ڏسبيون. گهوڙيسوار وري راڄا کي چيو "سائين اوهان جو ٻيو جواب بہ ٺيڪ آهي. باقي رهيا ٻہ جواب. هاڻي ٽئين سوال جو جواب ڏيو." ٽئين سوال جو جواب ڏيندي راڄا چيو "ميون سان پريل باغ جنهنکي مالهي ناس ڪري رهيو هو اُنهيءَ جو مطلب هيءُ آهي تہ جئن مالهيءَ کي باغ جي رکواري ڪرڻ فرض آهي تئن راڄا کي پرجا جو راکو ٿيڻ فرضي آهي مگر ڪلجڳ ۾ اُهوئي راڄا ڦري ڌاڙيل ٿي پوندو ۽ پرجا کي پيو لٽيندو ۽ ماريندو.

گهوڙيسوار خوشيءَ وچان چيو "اوهان جو ٽيون جواب بہ ٺيڪ آهي. باقي رهيو چوٿون." چوٿين سوال جو جواب ڏيندي راڄا چيو "ڳانءِ ۽ ڳابيءَ جو مطلب اِهو آهي تہ ماڻ جو ڌرم آهي ڌيءَ جي پرورش ڪرڻ ۽ ڪيس دان ڏيڻ مگر ڪلجڳ ۾ اهڙيون بہ ماڻر هونديون جي پنهنجي

ڏيئن مان ڪمايل ڏن وسيلي پنھنجو گذران ڪنديون. يعني پنھنجون ڌيئر شاديءَ لاءِ وڪڻي پنھنجو پيٽ پالينديون." تنھن تي گهوڙيسوار راجا کي چيو "سائين اوھان ئي منھنجن سوالن جو جواب ڏنو آھي تنھنڪري مان اوھان جو نوڪر آھيان ۽ گهوڙو بہ اوھانجي ملڪ. اوھان جا پٽ بہ ھاڻي آزاد آھن. آگيا ڏيو تہ ھاڻي ڇا ڪريون؟"

راجا خوش ٿي پٽن سان گڏ محلات ۾ موٽي آيو ۽ اُنھيءَ گهوڙيسوار کي پنھنجو مکيہ وزير بڻايائين ڇاڪاڻ تہ ھو وڏو وِدوان ۽ سمجهدار آدمي ھو. اُنھن جوابن ڪري راجا مورڌج جو نالو ساري راڄڌاني ۾ مشھور ٿي ويو. راجا بہ اُنھيءَ مکيہ وزير جي صلاح سان راڄ ڪندو رھيو.

# ٻارن جي لئبرري

| | |
|---|---|
| ١- اخلاقي سبق ۴ ڀاڱا (موڙن سان) في | ٠-٦-٠ |
| ٢- ڦلواڙي ٢ ڀاڱا - في " | ٠-٦-٠ |
| ٣- گل ڳانڍي ٢ ڀاڱا " | ٠-٦-٠ |
| ۴- بوستان " | ٠-٦-٠ |
| ٥- د بوستان " | ٠-٦-٠ |
| ٦- سونهي مڇي " | ٠-٦-٠ |
| ٧- انصاف جون آکاڻيون | ٠-٦-٠ |
| ٨- بادشاهي آکاڻيون | ٠-٦-٠ |
| ٩- موجي آکاڻيون (ڀاڱو پهريون) | ٠-٦-٠ |
| ١٠- موجي آکاڻيون (ڀاڱو ٻيو) | ٠-٥-٠ |
| ١١- اخلاقي دنيا (ڀاڱو پهريون) | ٠-٧-٠ |
| ١٢- اخلاقي دنيا (ڀاڱو ٻيو) | ٠-٥-٠ |
| ١٣- موجي مورل ۽ گڏو ڪالسيءَ | ٠-٦-٠ |
| ١۴- سهراب ۽ رستم | ٠-٧-٠ |
| ١٥- عجب عينڪ | ٠-٦-٠ |
| ١٦- سونو محل | ٠-٥-٠ |
| ١٧- ٻوڙ نهاڪ روچ | ٠-٥-٠ |
| ١٨- حرڪتي الي ، | ٠-٥-٠ |
| ١٩- موجي گهمڻ | ٠-٦-٠ |

## ٻال ڌرمي پستڪ

| | |
|---|---|
| ٻال رامائڻ موڙن سان | سوا رپيو |
| ٻال مهاڀارت موڙن سان | هڪ رپيو |
| ٻال سري ڪرشن موڙن سان | هڪ رپيو |
| هندو وير ٻالڪ | سوا رپيو |

پتو: سندر ساهتيه آفيس، ڪراچي نمبر ١

## جهانگير بادشاه جي عنايت

اٽڪل سايا ٽي سؤ ورهيه اڳ جي ڳالهه آهي. هندستان مغلن جو وطن ٿي چڪو هو. هندو ۽ مسلمان کير ۽ کنڊ وانگر پاڻ ۾ رلي ملي ويا هئا. گيهه کير جي ڪا ڪمي ڪانه هئي. اناج سستو هو. بکه کان مرڻ ڪو به نه چاهيندو هو.

سنه ١٦١٧ع جو ذڪر آهي. شهزادي شاه جهان بيجاپور تي چڙهائي ڪئي هئي ۽ شهنشاه جهانگير خود دکن ۾ هن جي مدد لاءِ موجود هو ۽ سندس لشڪر "مانڊوگڏ" ۾ ڇانوڻي هڻي ويٺو هو اُن لاءِ ته ضرورت وقت شاه جهان کي سولائي سان مدد پهچائي سگهجي.

شهنشاه فرصت جو وقت شڪار ڪرڻ ۾ صرف ٿي ڪيو. هڪڙي دفعي اتفاق سان هو شڪار ڪيڏيندي ڪيڏيندي ساٿين کان جدا ٿي جهنگل ۾ رستو ڀلجي ويو ۽ اُڃ سبب بي حال ٿي پيو. هو حيران ۽ پريشان هيڏانهن هوڏانهن پئي ڏسي رهيو

هو ته پريان کيس هڪ جاءِ ڏسڻ ۾ آئي. سنسان جهنگل ۾ جاءِ ڏسي جهانگير گهڻو حيران ٿيو. ٻڌندڙ کي ڪڪه جو سهارو به گهڻو ٿيندو آهي، هتي ته ويراني ۾ وسنديءَ نظر آئي. سندس پيٽ ۾ ساهه پيوءِ پنهنجو گهوڙو اوڏانهن وڌايائين.

ٻپهريءَ جو وقت هو، سخت گرميءَ سبب جهنگل ڪنيار جي نهائين جيان ٿتل ٿي لڳو. جهانگير جو چهرو تيز سوُرج جي گرميءَ سبب لوُساڻجي ويو هو. منهن تي هوايون ٿي اُڏاميس. اُڃ سبب سندس گلو خشڪ ٿي ويو هو. جڏهن هوُ اُنهيءَ مڪان جي ويجهو پهتو، تڏهن ڏٺائين ته هڪ وڏي وڻ جي هيٺان هڪڙو خوشنما چبوترو آهي اُن تي ”بن ديويءَ“ وانگر هڪ سترهن ارڙهن ورهين جي ڪماري ويٺي آهي. معصوميت ۽ نماڻائيءَ سندس چهري کي دلفريب ڪري ڇڏيو هو. ڪپڙا پراڻا ۽ ڦاٽل پيل هيس، جڻ ته ڪڪرن ۾ چنڊ ۽ مٽيءَ ۾ هيرو لڪل هو.

جهانگير کي پاڻ ڏانهن ايندو ڏسي ڪماري اُٿي بيهي رهي ۽ شرم سبب پنهنجو سر ڪنڌ جهڪايو. اهو قدرت جو قانون آهي، جنهن تي

استري ذات فخر ڪري سگهي ٿي. شرم ۽ حياءَ جي پيمنڊ ۾ عورت واسطي دنيا ۾ سڀ خوبيون ٿيچ آهن. شهنشاه هڪ رواجيءَ ماڻهوءَ وانگر ڪماريءَ اڳيان پهچي آهستي چيو "سندري، مان هڪڙو غريب مسافر آهيان. هن گهاٽي جهنگل ۾ رستو ڀلجي اچي ڀهتو آهيان. ڏاڍي اُڃ لڳي اٿم. مهرباني ڪري مونکي ٿورو پاڻي پيار."

ڪماريءَ سادگيءَ سان جهانگير ڏانهن نهاري نرميءَ سان چيو "مسافر، گهوڙي تان لهي هٽ چانئڻ ۾ اچي ويهه. مان اِجهو پاڻي ڪڍي ٿي اچان." ايترو چئي هوءَ جاءِ اندر هلي وئي. جهانگير گهوڙي تان هيٺ لٿو ۽ اُن ڪي وڻ سان ٻڌي پاڻ چبوتريءَ تي اچي ويٺو. ايتري ۾ ڪماري هڪڙي لوٽي ۾ ٿڌو پاڻي ۽ هڪڙيءَ ٿاليءَ ۾ جوَن جوَن ۾ مانيون ۽ ڪجهه ساڳ ڪڍي آئي. تڪلف ۽ سادگيءَ جو ڪهڙو نه نظارو هو. ڀالي ڀوليءَ ڪماريءَ چيو "مسافر! هٽ مٿهن ڏوئي پهرياءَ ڪجهه ماني کائي پوءِ پاڻي پيءُ. رڳو پاڻي پيئڻ سبب تڪليف ٿيندءِ."

مهمان نواز! سادگيءَ جي تصوير! پارت جي

مايءَ ناز ڪماري شاباس! جادوءَ جي اثر هيٺ آيل جهانگير ڪماريءَ جو چيو مڃيو. انهن سڪل روٽين ۽ ساڳ ۾ هندستان جي شهنشاه کي اُهو مزو آيو، جو ڪيس شاهي طعامن ۾ به نصيب نه ٿيو هوندو. ڪاڏو ڪائي شهنشاه ڪماريءَ جا شڪرانا مڃيا.

( ٢ )

جڏهن شهنشاه ڪاڏو ڪائي رهيو هو ته هن ڏٺو ته ڪماري کيس تمام غور سان ڏسي رهي آهي، جنهن وقت شهنشاه جي نظر مٿس پيئي ٿي ته هن شرم کان پنهنجو سر ڪٽي ٿي جهڪايو. ليڪن موقعو ڏسي وري کيس ڏسڻ ٿي لڳي. اهڙي طرح ٿورو وقت ٻئي هڪٻئي کي حيرت سان ڏسندا رهيا. انهيءَ ڏسڻ پسڻ ۾ اچانڪ ڪماريءَ جي نظر وچي شهنشاه جي آڱر ۾ پيل لعل ياقوت جي منڊيءَ تي پيئي. ڪماريءَ جو چهرو خوشيءَ سبب ٽڙي پيو. هوءَ ٻوڙي پنهنجي گهر اندر ويئي ۽ اُتان ڪاغذن جو هڪ بنڊل ڪڍي آئي. اُنهن مان هڪڙو هلڪو پنو ڪڍي ڪماريءَ هڪڙي "لڳن ڪنڊلي" ٺاهي. شهنشاه ڪاڏو ڪائي چڪو هو. هن ڪنڊليءَ تي نظر وڌي. هوُ ياڻ به جوتش

جي علم مان واقف هو. ڇوڪريءَ جي ذهن جي دل ئي دل ۾ تعريف ڪرڻ لڳو. هن حيران ٿي ڪڏهن اُن سنسان جهنگل ڏانهن ٿي نهاريو، ڪڏهن جاءِ جي سينگار ڏانهن ۽ ڪڏهن هن عجيب ۽ غريب ديويءَ طرف. پل پل گذرڻ سان شهنشاه جي حيراني به وڌندي ٿي رهي. ٿوري وقت کانپوءِ ڪنڊلي (جنم پتري) تيار ٿي ويئي. شهنشاه کي اهو ڏسي سخت حيراني لڳي جو اها سندس جنم پتري هئي، جنهن تي خوشنما لفظن ۾ ”شهنشاه جهانگير“ لکيل هو.

ڪنڊلي تيار ڪري ڪماريءَ شهنشاه کي عرض ڪيو (هاڻي هوءَ تون جي بدران توهين چوڻ لڳس) ”ڇا، توهين هاڻي مونکي پنهنجو ڏائو هٿ ڏسڻ جي اجازت ڏيندا؟“ شهنشاه وڏيءَ خوشيءَ سان پنهنجو هٿ وڌايو. ڪماري ٿورو وقت هٿ جون رکيائون ڏسندي رهي ۽ پوءِ بند لفافي مان هڪ ڪاغذ ڪڍيو، جنهن تي اڳيئي هٿ جو نقشو هو جو ڏسي ڪماريءَ گهر ڏانهن منهن ڪري ڪنهن ني سڏ ڪيو. ٿوري وقت کانپوءِ هڪ ڏبري ستري گهر مان ٻاهر نڪتي. سندس نوراني

شڪل ڏسي عزت ۽ ايمان سان شهنشاه کيس سلام ڪيو. بڍواسي ضعيف عورت شهنشاه کي آشيرواد ڏني. پڇيائين ته ڪماريءَ کي ڇيو ”ڇا آهي ڏيءُ ؟“

ڪماريءَ ويجهو وڃي آهستي چيس ”جنهن جي باري ۾ پتاجي اڳڪٿي ڪئي هئي، جنهن سان گڏجڻ جو ارمان دل ۾ سانڍي پتاجي سرڳواس ٿي ويو اُنهيءَ کي اڄ مون ڳولي لڌو آهي. سڀ نشانيون ساڳيون آهن. پتاجي مونکي هڪ مهر لڳل بند لفافو ڏيئي ويو هو ۽ چيو هئائين ته ڪڏهن نه ڪڏهن هڪڙي ڏينهن هو ضرور هتي ايندو، ليڪن منهنجي قسمت ۾ سندس زيارت نه لکيل آهي. جڏهن هو اچي ۽ بتايل نشانيون ساڻس لڳيي اچن ته هيءُ لفافو کيس ڏجو ۽ سندس خوب خاطرداري ڪجو. هو توهانجي سنڀال ۽ حفاظت ڪندو.

شهنشاه جهانگير ته ڪماريءَ جون اهي ڳالهيون ٻڌيون. حيرت ۽ عجب ۾ سندس حالت ئي اوُرٿي پيئي.

( ۳ )

اهي ڳالهيون ٻڌي اُن ناريءَ جهانگير ڏانهن

منھن ڪري پڇيو ”مسافر! توهين ڪير آهيو،
ڪھڙي ملڪ جو رھندڙ آهيو ۽ هتي ڪٿان اچي
پھتو آهيو؟“

جھانگير، ايشور جاڻي الاءِ ڇو پاڻ کي ظاھر ڪرڻ ضروري نہ سمجھيو. هن ڪجھہ خيال ڪري جواب ڏنو ”اما! مان اُتر هندستان جو رهاڪو آهيان. شهنشاھ جھانگير جي فوج جو هڪ معمولي سوار آهيان. شهنشاھ سلامت اڄ جھنگل ۾ شڪار ڪرڻ آيو آهي. مان ساڻس گڏ هوس اتفاق سان رستو ڀلجي هتي اچي نڪتو آهيان. توهانجي هن رحمدل ڌيءُ ٻڪ پياس ۾ منھنجي گھڻي خاطرداري ڪئي. مان سڄي حياتي انهيءَ احسان کي نہ وساريندس.“

اهو ٻڌي ڪماريءَ مشڪيو ۽ چيو ”معاف ڪجو مسافر! جيڪڏهن مان ائين چوان تہ توهان پنھنجي اصلي سڃاڻپ نہ ڏني آهي. مونکي پورو يقين آهي تہ منھنجي پيءُ جي اڳڪٿي ڪڏهن بہ غلط نہ ٿي سگھي. جو تہ جي نشانيون هُن ٻڌائي ڇڏيو آهي سي سڀ مان توهان ۾ ڏسان ٿي. اينري قدر جو توهانجي اچڻ جو اُهو وقت آهي

جو پٽاجي ٻڌائي ويو آهي. انهيءَ ڪانسواءِ منهنجي وديا مونکي ٻڌائي ٿي تہ جهڙيون ريکائون توهان جي هٿن ۾ آهن، اهڙيون معمولي ماڻهن جي هٿن ۾ نہ ٿينديون آهن. توهانجي هٿن جون ريکائون تہ ٻڌائين ٿيون تہ توهين شهنشاهہ آهيو."

اهو ٻڌي جهانگير دل ئي دل ۾ ڪليو ۽ ڇوڪريءَ جي وديا جي تعريف ڪيائين، ليڪن ظاهري چيائين "ڌيءُ! توکي الائي ڇو نہ ٿو منهنجي ڳالهہ تي يقين اچي. مون توهان کي پنهنجي سچاٽب سچي ٻڌائي آهي. خير هاڻي تون ٻڌاءِ تہ تون ڪير آهين ۽ ههڙي ويران جهنگل ۾ جاءِ ٺهرائي رهڻ جو ڪهڙو مطلب؟ صرف ٻہ ڄڻيون هيڏي وڏي جاءِ ۾ ڪئن ٿيون رهو؟ توهانجو گذران ڪئن ٿو ٿئي؟"

اهو ٻڌي ماءُ ۽ ڌيءُ جي دل ڀرجي آئي. ٻنهي جي اکين مان ڳوڙها ڳڙي پيا. ڪماري تہ خاموش رهي ليڪن ضعيف دل جهلي چيو "پٽ، اسين دنيا جا ستايل آهيون. هن دنيا ۾ اسانجو ڪوبہ مددگار ڪونهي. دک درد ۾ ڪوبہ ساٿي نہ آهي، نہ اسانجي جياپيءَ جي ڪا منزل آهي

صرف هڪڙو ايشور جو ڀروسو آهي. اُهوئي سنڀاليندڙ ۽ اسانجي لڄ رکندڙ آهي. اُنهيءَ جي ديا سان اسان کي کائڻ پيئڻ لاءِ ملي ٿو. اُنهيءَ جي ڀڄن ۽ سمرڻ ۾ اسانجو وقت هن سنسان جهنگل ۾ گذري ٿو. پٽ، اسين ماڻهو بيجاپور جا رهاڪو آهيون. هڪڙي شريف برهمڻ جي خاندان جو يادگار آهيون. هن ڇوڪريءَ جو پيءُ جوتش، وديا جو وڏو ماهر هو. راڄ دربار ۾ هن جي ڏاڍي عزت هئي. اتفاق سان ملڪ جي حاڪم سان ڪجهه جهڳڙو ٿي پيس. منهنجو پوڄنيه سوامي وڏو خود دار آدمي هو. پنهنجي عهدي جي ڪابه پرواه نه ڪيائين. اسان پنهي کي وٺي هت هليو آيو ۽ هيءَ ڪکي جاءِ ٺهرائي هن سنسان جهنگل کي آباد ڪيائين. اُن بعد دنيا وارن سان سندس ڪابه دلچسپي نه رهي. هو پنهنجو وقت ايشور جي ڀڳتيءَ ۾ گذاريندو هو، مگر ظالم قدرت کان اُهو به سٺو نه ويو. منهنجو پتي سرڳواس ٿي ويو ۽ اسين ٻئي مصيبتون سهڻ لاءِ جيئريون رهيوسين. اسانجي سڄي ملڪيت ملڪ جي حاڪم ضبط ڪري ڇڏي.

اسين پاڻ سان جيڪي زيور ۽ جواهر ڪٺي سگهيو سين اُهي وڪڻي هيءَ جاءِ تهرائي سين ۽ جيڪا روڪڙ هئي انهيءَ سان هاڻي پنهنجي زندگي بسر ڪري رهيو ن آهيون.

هڪڙي ڏينهن اسين ٻيئي ويهي هيڏانهن هوڏانهن جون ڳالهيون ڪري رهيا هئاسين ته منهنجي پتي ديوجي اکين مان آنسو وهڻ لڳا ۽ چوڻ لڳو "افسوس انهيءَ ڳالهه جو آهي، جو منهنجي وديا مونسان گڏ هلندي. جيڪڏهن پرماتما مونکي هڪڙو پٽ ڏئي ها ته مان اُن کي پنهنجي وديا سيکاري ڇڏيان ها." اهو ٻڌي مان روئي ويٺيس. هيءَ ڇوڪري، جا تنهنجي سامهون ويٺي آهي اُنهيءَ وقت ڏهن ٻارهن سالن جي هئي سا به مونسان گڏ اوڇنگارون ڏيئي روئڻ لڳي. مون سندس مٿي تي هٿ گهمايو ۽ چولي سان اکيون اُگهي چپ ڪرايم. هوءَ هڪ دفعو پنهنجي پيءُ جي پيرن تي ڪري پيئي ۽ عاجزيءَ سان چوڻ لڳي "پتاجي، مان پڙهنديس. توهين مونکي سيکاريو." پيءُ خوش ٿي کيس ڳلي لڳايو ۽ چيو "ڌيءُ ڪشوري! مان توکي

ضرور پاڙهيندس." بس اُنهيءَ ڏينهن کان هوءَ کشوريءَ کي پڙهائڻ لڳو. ٽن چئن سالن اندرئي هن کافي وديا حاصل ڪئي. پنهنجي ڌيءَ جي لياقت ۽ قابليت تي منهنجو پتي ڏيو گهڻو خوش ٿيندو هو ۽ چوندو هو ته هاڻي مونکي مرڻ جو ڏک نه ٿيندو.

هڪڙي ڏينهن چيائين "ڌيءَ کشوري! جڏهن جاءِ ۾ اسين رهون ٿا اُنهيءَ جو "لڱن چڪر" ته ناهه. مان به ناهيان ٿو. پوءِ ڏسندس ته تون جوتش جو علم ڪيترو سکي آهين."

پيءُ جو حڪم ٻڌي کشوريءَ کلندي کلندي ٿوري دير ۾ چڪر ناهي ڇڏيو. جڏهن پيءُ پنهنجي چڪر سان ڌيءَ جو چڪر ملايو، تڏهن ٻنهي ۾ ڪو به تفاوت نه هو. اهو ڏسي منهنجي پتيءَ جي خوشيءَ جي حد نه رهي.

( ٣ )

اُن استريءَ جي دک ڀري ڪهاڻي ٻڌي جهانگير کي ڏاڍو ارمان ٿيو ۽ پڇيائين "آما! هن جاءِ جو چڪر ناهيو ويو پوءِ اُن جو ڦل ڪهڙو نڪتو."

استريءَ جواب ڏنو "ڪشوريءَ بند مان هاڻ جيڪو ڪاغذ ٻاهر ڪڍيو آهي، انهيءَ بنسبت هن مونکي ٻڌايو هو تہ "آمي، هڪڙي ڏينهن هتي هڪڙو ايڏي وڏي اقبال وارو ماڻهو ايندو جو وڏو بادشاھ هوندو اُنهيءَ جون نشانيون بہ ڪشوريءَ مونکي ٻڌايون هيون جي مونکي چڱيءَ طرح ياد آهن. هن چيو هو تہ سندس آڱرين وڏي ملهہ واري ياقوتي منڊي هوندي اُهوئي اسانجو مددگار ٿيندو ۽ اسانجي سنڀال ڪندو. هاڻ ڪشوريءَ ٽنهنجو هٿ ڏنو تہ اُهي سڀ نشانيون لڳي آيون جي شهنشاھ جي هٿن ۾ ٿينديون آهن ليڪن ٽون تہ پاڻ کي هڪ معمولي سوار سڏائين ٿو، جنهن جو مونکي يقين نٿو اچي. ٽنهنجي منهن مان اهڙو جلال ظاهر ٿي رهيو آهي جو ان جي اڳيان خود بہ خود سر جهڪائڻ لاءِ جيءُ چاهي ٿو. مان ٽوکي، قسم ٿي ڏيان تہ ٽون پنهنجو سچو حال ٻڌاءِ. اسين بہ پنهنجي مددگار لاءِ منتظر آهيون. ڪشوري هاڻي جوان ٿي آهي اڄ ڪاله مان سندس شاديءَ جو ڪو بہ انتظام ڪري نہ سگهي آهيان. مونکي پنهنجي پرواھ نہ آهي

ليڪن ڪشوريءَ جو گهڻو خيال آهي مان ته بڌي ٿي ويئي آهيان. اڄ مران ته سڀان ٻيو ڏينهن."

ضعيف جي ڳالهين جهانگير جي دل تي خاص اثر ڪيو ٻوءِ به الائي ڇو هن اچا پنهنجو حال ٻڌائڻ نٿي چاهيو. ڳالهه ٽاري چوڻ لڳو، "اما! ڪير به هجان اِهو پڇي ڇا ڪندينءَ. ها، مان ايترو ضرور چوندس ته اڄ کان ڪشوري منهنجي ڌرم جي ڌيءَ ۽ توهان منهنجي ڌرم ماتا آهيو. ڀڳوان ۾ ڀروسو رکو. هوءَ سڀ جو مالڪ ۽ مددگار آهي. منهنجو خيال آهي ته ڪشوري ڌيءَ کي منهنجي هيءَ منڊي تمام پسند آهي. هاڻي جنهن صورت ۾ مون کيس پنهنجي ڌيءَ ڪيو آهي، هيءَ منڊي وڏي خوشيءَ سان هن کي ڏيان ٿو." اهو چئي جهانگير پنهنجي آڱر مان منڊي لاهي ڪشوريءَ جي آڱر ۾ پائي ۽ چيائين، "ڀڳوان توکي سدا سکيو رکي!"

جهانگير جي اهڙي فياضي ڏسي ضعيف چيو، "مسافر! پهرين ته معمولي سوارن کي اهڙي قيمتي منڊي رکڻ جي حيثيت ڪانهي

۽ اتفاق سان جيڪڏھن اُنھن کي ھٿ ۾ لڳندي آھي تہ ھو خوشي سان ڪڏھن بہ ٻئي کي نہ ڏيندا آھن. اھڙي وڏي دل الڏو جڳو شھنشاھن کي ٿيندو آھي. معمولي آدمين جي دل اھڙي فياض نہ ٿيندي آھي." اھو چئي ٻيءَ مسافر کي آشيرواد ڏني ۽ ڏيءَ کي اشارو ڪيائين تہ ھوءَ پنھنجي ڌرم پتا کي پرنام ڪري. ڪشوري جئين ئي پرنام ڪرڻ لاءِ اُٿي تہ جھانگير پيار سان سندس مٿي تي ھٿ گھمايو.

اھو سڀ ڪجھہ ٿيو ليڪن ماءُ ۽ ڌيءَ کي اڃا تائين اھا خبر نہ پيئي تہ سچ پچ اُھو مسافر ڪير آھي. ايتري ۾ اُنھن ڪيترن سوارن کي پاڻ ڏانھن ايندو ڏٺو. ويجھو ايندي جڏھن انھن سوارن جي نظر جھانگير تي پيئي تڏھن ھو گھوڙي تان يڪدم لٿا. فوجي قاعدي موجب سلام ڪيائون ۽ ھڪي آواز سان پڪاريائون، "شھنشاھ سلامت! شھنشاھ زندہ باد!" ٿوري وقت ۾ اُتي سوين سوار اچي پھتا. ھي اُھي سوار ھئا جي شھنشاھہ جي ڳولا ڪندا ھن طرف اچي نڪتا ھئا. "شھنشاھ سلامت! شھنشاھ

زنده باد" جي نعرن کان سڄو جهنگل گونجي ويو.

اهو نظارو ڏسي پڊيءَ کلي چيو، "اوهو مسافر! هاٿي توهين پنهنجو پاڻ کي لڪائڻ لاءِ کهڙي اٽڪل ڪندا؟ هاٿي توهين منهنجي سرڳواسي پتي ديو جي علم کي کهڙي نموني کوڙو ڪندا؟ انهن سوارن ۾ ڪيترا سردار به ڏسڻ ۾ اچن ٿا، ڇا ڪنهن معمولي سوار جي اڳيان هھڙا مغرور سردار به ڪڏهن ادب سان سر جهڪائي هي نعرو هڻندا آهن؟ شهنشاهه سلامت! نه هرگز نه." هاٿي ته شهنشاهه جهانگير به پاڻ روڪي نه سگهيو. هن بي اختيار کلي ڏنو ۽ چوڻ لڳو، "اما، معاف ڪجو مونکان غلطي ٿي، مان جهانگير آهيان."

اهو ٻڌي ڪشوري مشڪيو ۽ ڊوڙي گهر مان مهر سان بند ٿيل لفافو ڪڍي آئي ۽ جهانگير کي ڏيئي چيائين، "شهنشاهه! هيءُ وٺو هي خط منهنجي پيءُ توهان لاءِ ڏنو هو."

جهانگير خط کولي پڙهيو. خط پارسيءَ ۾ لکيل هو جنهن جو مطلب هي هو:-

” شهنشاه سلامت ! مان توهان کي واڌايون ٿو ڏيان ته توهين دکن جي لڙائيءَ ۾ ڪامياب ٿيندا. انهيءَ ڪري توهين خدا جا شڪرانا ميڙيو منهنجي هن يتيم ڌيءُ جا توهان کي هي خط ڏيندي تنهنجي سنڀال ڪجو. مونکي دلي افسوس آهي جو مان توهان جي زيارت ڪرڻ جو فخر حاصل نه ڪري سگهندس. شهنشاه زنده آباد !“

خط پڙهي جهانگير چيو، ” اما ! ءِ ڌيءُ ڪشوري توهين هاڻي ڪنهن قسم جو فڪر نه ڪريو. خدا مددگار آهي اوهو اسان سڀني جي مدد ڪندو.“ ايترو چئي شهنشاه جهانگير پنهنجي چانوڻيءَ ڏانهن روانو ٿيو.

( ٥ )

جا ڪشوري ڪڏهن بيجاپور ۾ هڪڙي اعلي عهديدار جي سڪيلڌي ڌيءُ هئڻ سبب لاڏ پيار سان پالي ويئي هئي اُها قدرت جي گردش سبب بنواسڻ ٿي ءِ دنيا ۾ ماءُ کان سواءِ بيو ڪير به نه هوس. هوءَ پنهنجي مٿان نيلو آسمان ءِ آس پاس جهنگلي جانورن سان ڀريل سنسان جهنگل ڏسندي هئي، پنهنجو وقت

ڏٽيءَ جي ياد، ماءُ جي خدمت ۽ گهر جي ڪم ڪار ۾ صرف ڪندي هئي. ماءُ به پنهنجي پياري ڌيءُ جو منهن ڏسي پيئي جيئندي هئي. جيترو ممڪن ٿي سگهندو هوس ڪشوريءَ کي آرام جو سامان آڻي ڏيندي هئي. ڪائڻ پيئڻ جي ڪا به تڪليف نه هين، ته به ماءُ جي دل ۾ ڪشوريءَ کي اُڪلائڻ جو هردم فڪر رهندو هو.

رات جي اونداهيءَ کي ڏينهن جي روشني هٽائي چڙهندي آهي گرميءَ جي تابش سبب تتل سنسار برسات پوڻ سان سيتل ٿي پوي ٿو. اهڙو حال انسان جي زندگيءَ سان ٿئي ٿو. هو ڪڏهن سک جي سيتلتا ۽ ڪڏهن دک جي جلڻ ۾ گذاري ٿو. اهو به اڪثر ڏسڻ ۾ اچي ٿو ته ايشور جي قدرت سان جهنگل جي رهڻ وارا شهر جا مالڪ بڻجي ٿا پون اهڙيءَ طرح انسان جي خواهش پوري ٿيڻ لئي به "ڌوپ ڇانو" (دک سک) واري سنسار ۾ پنهنجي زندگيءَ جي منزل طئه ڪرڻي پوي ٿي.

شهنشاهه جهانگير وڃڻ وقت پنهنجي پٽيان ڪجهه سوار ڇڏي ويو. سوارن پالڪين جو انتظام ڪيو ۽ ماءُ ڌيءُ کي وڏيءَ عزت سان دهليءَ

پهچايائون. پوءِ پالڪيون شاهي محل ۾ لاٿيون ويئون. شهنشاه انهيءَ کان اڳ اُلي پهچي پنهنجي پياري بيگم راڻي نورجهان کي ساري حقيقت ٻڌائي. محل ۾ نورجهان بيگم پاڻ ماءُ ذيءُ جي آجيان ڪئي. شاهي خاندان پيار سڪ سان پنهنجي جي عزت ڪئي ۽ کين هڪ جدا محل ڏنائون: ٿورن ڏينهن کانپوءِ شهنشاه جهانگير ڪشوريءَ جي ماءُ کان صلاح وٺي ڪال ڪوٽ جي هڪڙي معزز برهمڻ جي پٽ سان ڪشوريءَ جي شادي ڪرائي. ٿيرن وقت خود شهنشاه جهانگير، شهنشاه شاهه جهان ۽ سڀ درٻاري حاضر هئا. جهانگير رياست ڪال ڪوٽ ڪشوريءَ کي ڏاجي ۾ بخشيش ڏني. اُنهيءَ وقت ڪال ڪوٽ رياست پنڌرهن لکن جي هئي. اُنهيءَ کانپوءِ شاهجهان پنهنجي تخت تي ويهڻ وقت پنجن لکن ۽ اورنگزيب پڻ پنجن لکن جون جاگيرون ٻيون به وڌائي ڏنيون ۽ انهن جي جزيه ڏيل به معاف ڪيائون. اهڙيءَ طرح بفواسي پتنيرڪشوريءَ جا ڏينهن ڦري ويا. ايشور جي ڪرپا سان دک جا ڏينهن پورا ٿيا ۽ سک جو سمو شروع ٿيو.

رياست تال ڪوٽ هڪ تاريخي جڳهه آهي.
شهنشاهه جهانگير جي عطا ڪيل لال ياقوت جي
منڊي اڃا تائين رياست جي خزاني ۾ محفوظ آهي.
جڏهن ڪو نئون راجا گديءَ تي ويهي ٿو ته اُها
منڊي راجا جي آڱر ۾ پاتي وڃي ٿي. انهي رسم
کانپوءِ وري منڊي لاهي حفاظت سان خزاني ۾
رکي وڃي ٿي.

(اصل گجراتيءَ ۾)



ڪنوري- مسافر! ڪجهه ماني کائي پوءِ پاڻي پيءُ.



